SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1992
# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1992
# زمين طلبي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1992
# THE LAND ACQUISITION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1992
# فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement
2. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 18 جي ترميم
Amendment of Section 18 of Act X of 1894
3. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 20 جي ترميم
Amendment of Section 20 of Act X of 1894
4. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 22-A جي ترميم
Amendment of Section 22-A of Act X of 1894
5. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 31 جي ترميم
Amendment of Section 31 of Act X of 1894
6. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 50 جي ترميم
Amendment of Section 50 of Act X of 1894

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه
1992
SINDH ORDINANCE NO.IV OF

# 1992

# زمين طلبي (سنڌ ترميم) آردينننس، 1992

# THE LAND ACQUISITION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1992

تمهيد (Preamble)

[15 جولاءِ 1992]

آردينننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آردينننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1.(1)هن آردينننس کي زمين طلبي (سنڌ ترميم) آردينننس، 1992 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 18 جي ترميم
Amendment of Section 18 of Act X of 1894

2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ 1894 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ چاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 18 جي ذيلي دفعه (3) ۾، لفظن "صوبائي حڪومت" لاءِ لفظ ۽ ڪامائون "وفاقي

ترميم
Amendment of Section 20 of Act X of 1894

حڪومت، صوبائي حڪومت، ڪمپني يا لوڪل اٿارٽي، جيئن معاملو هجي،" متبادل بڻايا ويندا.

3.ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 20 جي شق (c) ۾، لفظن "ء حڪومت جو ڪاتو" لاءِ لفظ ء ڪاما "وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت" متبادل بڻايا ويندا.

ترميم
Amendment of Section 22-A of Act X of 1894

1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 22-A جي

4.ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 22-A ۾، لفظن ء ڪاما "صوبائي حڪومت،" لاءِ لفظ "وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت" متبادل بڻايا ويندا.

ترميم
Amendment of Section 31 of Act X of 1894

1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 31 جي

5.ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 31 جي ذيلي دفعه (1) ۾ لفظن "صوبائي حڪومت" جتي به اچن، لفظ ء ڪامائون "وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت، جيئن معاملو هجي" متبادل بڻايا ويندا.

ترميم
Amendment of Section 50 of Act X of 1894

1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 50 جي

6.ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 50 جي ذيلي دفعه (2) ۾، ڪولن کي فل اسٽاپ سان تبديل ڪيو ويندو ۽ شرطيه بيان کي ختم ڪيو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.